SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريه 2004

# SINDH ACT NO.IV OF 2004

# سنڌ (غير رضاڪاراڻي طور زبردستي چندو اوڳاڙڻ جي برائي کي ختم ڪرڻ ۽ روڪڻ) ايڪٽ، 2003

# THE SINDH (ERADICATION AND CURBING MENACE OF INVOLUNTARY DONATION OF FORCED CHANDA) ACT, 2003

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان اور شروعات
Short title and commencement
2. وصفون
Definitions
3. ڪنهن به شخص کان غير رضاڪاراڻه چندي جي ناوصولي
No involuntary fund funds by any person
4. ڪنهن به شخص طرفان فنڊن جي وصولي
Collection of funds by any person
5. ڪي به به فنڊ يا زبردستي جمع ڪيل چندو

Any funds or forced Chanda collected

6. سزا

Punishment

7. ڏوهہ جو مرتڪب ٿيڻ

Commission of the offence

8. قاعدن ٺاهڻ جو اختيار

Power to make rules

9. منسوخي

Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر IV مجريه 2004

# SINDH ACT NO.IV OF 2004

# سنڌ (غير رضاڪاراڻي طور زبردستي چندو اوڳاڙڻ جي برائي کي ختم ڪرڻ ۽ روڪڻ) ايڪٽ، 2003

# THE SINDH (ERADICATION AND CURBING MENACE OF INVOLUNTARY DONATION OF FORCED CHANDA) ACT, 2003

[30 جنوري 2004]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ غير رضاڪاراڻي طور تي زبردستي "چندي" اوڳاڙڻ واري مصيبت کي ختم ڪيو ويندو

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ غير رضاڪاراڻي طور تي زبردستي "چندي" اوڳاڙڻ واري مصيبت کي ختم ڪرڻ ۽ روڪڻ لاءِ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

جنهن کي هيٺين طريقي سان نافذ العمل ڪيو ويندو.

مختصر عنوان اور شروعات Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ (غير رضاڪاراڻي طور زبردستي چندو اوڳاڙڻ جي برائي کي ختم ڪرڻ ۽ روڪڻ) آرڊيننس، 2003 سڏيو ويندو.

وصفون
Definitions

2. هيءُ في الفور نافذ ٿيندو.

ڪنهن بہ شخص سان غير رضاڪاراڻہ چندي جي ناوصولي
No involuntary fund funds by any person

3. جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي مضمون ۾ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(a) ”عطيہ ڏيڻ واري“ مان مراد آهي، ڪو شخص يا ڪجهہ ماڻهن جو گروپ، يا ڪو ادارو يا باڊي ڪارپوريٽ ؛

(b) ”ٻور اسٽيپ“ مان مراد رهائشي ۽ واپاري اڱڻ، ڪاروباري آفيسون، فيڪٽري، دڪانن ۾ شامل مارڪيٽون، احاطا ۽ دڪاندارن جا ڏڪي ڏيڻ وارا گاڏا (ريڙها) ؛

(c) ”فنڊ“ جو مطلب آهي عطيو يا حصو پوءِ اها رقم يا ڪنهن بہ قسم جي هجي؛

(d) ”حڪومت“ مان مراد آهي حڪومت سنڌ؛

(e) ”بيان ڪيل“ مان مراد قاعدن جي تحت بيان ڪيل؛

ڪنهن بہ شخص طرفان فنڊن جي وصولي
Collection of funds by any person

4. در تي وڃي ڪنهن بہ شخص کان فنڊن جي وصولي ممنوع هوندي.

ڪي بہ بہ فنڊ يا زبردستي جمع ڪيل چندو
Any funds or forced Chanda collected

5. هن آرڊيننس جي گنجائشن جي ٽڪراءَ ۾ وصول ڪيل فنڊ يا زبردستي چندو حڪومت پاران ضبط ڪيو ويندو.

سزا

6. هن آرڊيننس جي گنجاشن جي خلاف ورزي ڪرڻ

Punishment

واري شخص کي سادي قيد جي سزا ڏني ويندي، جيڪا ٽن مهينن تائين وڌائي سگهجي ۽ ڏوهہ جو 10 هزار روپين تائين وڌائي سگهجي ٿو.

ڏوهہ جو مرتڪب ٿيڻ
Commission of the offence

7. ڪنهن بہ ڪورٽ کي هن ايڪٽ جي تحت سزا جي قابل ڏوهہ ٻڌڻ جو اختيار نہ هوندو سواءِ ان جي عطيو ڏيڻ وارو اهڙي ڏوهہ ٿيڻ تي 30 ڏينهن جي اندر لاڳاپيل جڊيشل مئجسٽريٽ کي لکت ۾ شڪايت ڪري.

قاعدن ٺاهڻ جو اختيار
Power to make rules

8. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ نوٽيفڪيشن ذريعي گزٽ ۾ قانون جوڙي سگهي ٿي.

منسوخي
Repeal

9. سنڌ (غير رضاڪاراڻي طور زبردستي چندو اوڳاڙڻ جي برائي کي ختم ڪرڻ ۽ روڪڻ) آرڊيننس، 2002 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**